# بئنڪ پابندئين جو قانون

## تعارف

هي پاڻمرادو قانون، جنهن جا گهٽ ۾ گهٽ ماپا بئنڪ الڳ الڳ **شخصن سان** وهنوار هلائڻ لاءِ ٺاهيا آهن، اوهان کي ڏسڻو آهي ته بئنڪ اوهان ساڻ ان ماپي موجب وهنوار ڪري ٿي ۽ اسان جو روز جي گراهڪ کي اسين ڪيئن شيوا سان خوش رکون ٿا.

***1.1 قانون جو اصول***

قانون ائين ٺاهيو ويو آهي :

اي. جو گهٽ ۾ گهٽ ماپا ٺاهي شخصي گراهڪ يعني اوهان جي وهنوار جو خيال رکجي.

بي. هر وهنوار کي کليو رکڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. جئن اوهان کي سڀ ڪجهه صاف ڏسڻ ۾ اچي يعني واجبي واپسي.

سي. اوهان جي وڏيڪ فائدي لاءِ، ڏي وٺ جي وهنوار کي صحتمند ڪرڻ.

ڊي. اوهان ۾ اسان کي بئنڪ جي وهنوار ۾ صافگوئي ۾ پنهنجائپ.

اي. بئنڪ جي سٺاءَ ۾ تيزي آڻڻ قانوني ماپن جو پورو پورو خيال.

خاص ماپن جي تحد سيڪشن ـ 2 جي آڌار رکيل آهن.

***1.2 قانون لڳائڻ***

ائين نه چيل هجي ته بي ڳالهه آهي. باقعي قانون سين هيٺ ڏنل شيوائن ماپن سان ٿو لڳي. پوءِ پل اهي قانون بئنڪ برانچ يا ڪنهن به شاخا مان يا فون تي يا اليڪٽرانڪ اوزارن دواران يا انٽرنيٽ يا ٻئي ڪنهن به نموني مليل هجن. پر ان هوندي به جيڪڏهن بئنڪن وٽ ڪي هت آندل شيون موجود ڪونهن.

اي. **ڪرنٽ اڪائونٽ،** سيونگ اڪائونٽ، ٽرم ڊپازٽ، رڪرنگ ڊپازٽ، پي پي ايف اڪائونٽ ۽ ٻيا ڪي به **ڊپازٽ اڪائونٽ.**

بي. پيمينٽ شيوائن ـ جئن شخصي پيمينٽ آرڊر، ڊمانڊ ڊرافٽ طريقي رقم موڪلڻ، تار رستي ٽرنسفر.

سي. بئنڪ شيوائن، سرڪاري سطح تي.

ڊي. **ڊيميٽ اڪائونٽ، ايڪيوٽي سرڪاري بانڊ.**

اي. نوٽن جي بدلڻ جي شيوا.

ايف. قرض ۾ وڏيڪ رقم يعني اوور ڊرافٽ.

آءِ. چيڪن جو وٺڻ، سنيالي وٺڻ جي شيوا. سيف ڊپازٽ استيل جي خانن ۾ رکڻ جي شيوا.

جي. قرض ۾ وڏيڪ قرض.

ايچ. وديشي ايڪسچينج شيوائون، نوٽن جي بدل سدل.

آءِ. ٽين پارٽي ويمو ۾ اسان جي برانچن معرفت سيڙپ ۾ وڪرو.

جي. **ڪريڊٽ ڪارڊ** ۾ ڊيبٽ ڪارڊ شيوائون. **اي ٽي ايم** ڪارڊ ۾ ڪريڊٽ ڪارڊ. جيڪي اسان پاران پيون ڪمپنيون ڏئي رهيون آهن.

خاص (ڪي) لفظن کي وڏن اکرن ۾ لکيو ويو آهي ۽ معاني سميت.

<u>*2 خاص*</u>

*2.1* اسان جو واعدو

***2.1.1 اسان جو وهنوار سڌو سنواٿو، واجبي شيوائن سان اوهان کي بئنڪنگ شيوائون سهوليت پري انداز سان يعني :***

اي. رسيد ڏيڻ يا رقم ڏيڻ چيڪ / روڪ هر هڪ بئنڪ جي ڪائونٽر تي ملي ٿي.

بي. قانون جي دائري اندر اسان جو واعدو ۽ ماپن جو ڌيان، جڏهن اسين اوهان کي شيوائون ڏيون ٿا، اسان جا ڪرمچاري، رکن ٿا.

سي. ان جو پورو پورو ڌيان رکيو وڃي ٿو ته اسان جو مال ۽ شيوائون، مقرر ڪيل قانون جي اندر هجن.

ڊي. اسان جو اوهان گراهڪن سان وهنوار کليو کليو هجي ۽ حدن کان ٻاهر تو وڃي.

اي. ڏي وٺ جو وهنوار، صحي نموني هجي، رپين جي ڏي وٺ پڻ.

**2.1.1 اوهان کي پوري پوري ڄاڻ ڏجي ٿي ته اسان جو ڪمڙو طريقو آهي اسان جي مال ۾ شيوائن جو :**

اي. اوهان کي انگريزي ۾ هندي يا ٻي لوڪل ٻولي ۾ ڄاڻ ڏني وڃي ٿي.

بي. اسان جو خبر چار جو ڇپيل فولڊر سڌو سنواٿو هجي ۽ ڪابه ڳالهه غلطفهمي پيدا نه ڪري.

سي. وياج جا برابر نرخ ـ شيوائن لاءِ مقرر ڪيل اگهه، جن سان اوهان جو سڌو واسطو آهي.

ڊي. اوهان کي ڪهڙي نموني اسان جي شيوائن مان فائدو ملندو ۽ ڪيترو. ڪنهن کي ان لاءِ اوهان گڏجو ۽ ڪيئن.

**2.1.3 اوهان پنهنجو اڪائونٽ ڪم آڻيو يا شيوائن مان هيئن فائدو وٺو :**

اي. اوهان کي هميشه دستوري اڪائونٽ پورو ڪري ڏنو ٿو وڃي.

بي. اوهان کي ڪابه جيڪڏهن وياج جي نرخ ۾ ڦير گهير آهي. شيوائن جا اگهه يا ڪن شرطن ۾ بدل ته چتايو وڃي ٿو.

**2.1.4 جيڪڏهن ڪجهه غلط ٿي ٿو وڃي ته ان کي همدردي سان ڪيئن سلجهائيو وڃي :**

اي. غلطين کي جلد ۾ جلد سڌاريو وڃي، جي بئنڪ چارجز غلط نموني ورتل هجن.

بي. اوهان جي شڪايتن کي جلد ٻڌو وڃي.

سي. اوهان اجان به شڪايت ڪرڻ بعد راضي ناهيو ته ڪيئن ۽ ڪنهن وٽ وڃڻ کپي. (پئرا نمبر 7 ڏسو).

ڊي. اوهان کي پيو ڪو طريقو ٻڌايو ويندو جئن ڪيل غلطي کي سڌاري سگهجي. جيڪا ڪنهن پري ٻاشا جي ڪري ٿي هجي.

**2.1.5 اوهان جي شخصي خبر کي ڳجهه ۾ رکجي :**

اسين اوهان جي هر خبر کي ڳجهه ۾ رکندا اسين پر اهي ڳالهيون، هيٺ ڏنل پئرا 5 سان ٺهڪندڙ هجن.

**2.1.6 قانون کي اسين برابر ظاهر ڪند اسين :**

اي. اوهان کي گراهڪ هوندي قانون جي ڪاپي ڏبي.

بي. اوهان نئون گراهڪ بڻجندا، اوهان کي قانون جي ڪاپي ڏبي، جڏهن اوهان بئنڪ ۾ اڪائونٽ کوليندا.

سي. اوهان جي طلب تي ڪائونٽر تي ئي ڪاپي ڏني ويندي يا اليڪٽرانڪ ساڌن معرفت يا پوسٽ رستي.

ڊي. قانون جي ڪاپي، هر ڪنهن برانچ ۾ موجود رهندي ۽ ويب سائيٽ تي پڻ ۽

اي. اسان جي ڪرمچارين کي ائين تيار ڪيو ويندو جئن جو اوهان سان ان قانون موجب پيش اچن.

**2.1.7 ڪنهن به پيدو ڀاوُ ڪانسواءِ پيش اچڻ :**

اسين ڪنهن به ڌرم، جنس، اوچ نيچ، عمر وغيره کان پري رهندا اسين.

<u>**3 ڄاڻ**</u>

اوهان کي وياج جي نرخ، وهنواري اجورو ۽ قيمت جي ڄاڻ هن نموني ڏني ويندي :

اي. برانچ تي نوٽيس بورڊ تي لڳل.

بي. برانچ يا هيلپ لائين تي فون ڪرڻ سان.

سي. اسان جي ويب سائيٽ تان.

ڊي. اسان جي نامزد اسٽاف / هيلپ ڊيسڪ تان، يا

اي. سروس گائيڊ / **ٽئرف شيڊول** تان.

***3.1 اوهان گراهڪ بڻجو، ان کان اڳه :***

اي. اوهان چڱي طرح وچور سان ٻڌايو ويو آهي. خاص خاص شيوائن ۾ جيڪي رٿائون بئنڪ وٽ موجود آهن. ۾ جن جن ۾ اوهان جو چاهه آهي.

بي. اسان جيڪي جن رٿائون ۾ شيوائون، اوهان جي ڪم جون آهن. انهن لاءِ وستار ۾ خبر ڏينداسين.

سي. اوهان کي پوري پوري ڄاڻ ڏينداسين ته ڪيئن اسانجون رٿائون ۾ شيوائون الڳ الڳ نموني ڪم اچي ٿيون سگهن. مثال طور، اي ٽي ايم معرفت، انٽرنيٽ تي، فون تي، سين برانچن ۾ ۽ انهن مان ڪئين وڏيڪ فائدو ٿي ٿو سگهي. اهو ٻڌائينداسين.

ڊي. اوهان کي ڏينداسين ته اسان کي ڇاڇا کپي، جئن اوهان جي سڃاڻپ ملي ۽ سرنامو. جئن فائدي موجب پاڻ هميشه لاءِ ڄاڻ رکي سگهون، اندرين رٿا موجب.

**3.2 جڏهن اوهان اسان جانو ان گراهڪ ٿيو. اسين اوهان کي ٻڌائيند اسين :**

اي. وياج جي نرخ جي ڄاڻ ڏيند اسين. ساڻ ساڻ قيمت ۾ اجورو بابت نين شيوائن لاءِ ٻڌائيند اسين.

بي. اوهان **نامينيشن** ڪيو. ان بابت به وڏيڪ ڄاڻ ڏبي. اوهان کي حقن ۾ جوابدارين بابت به ٻڌائبو. سيين **ڊپازٽ اڪائونٽس،** سيف ڪسٽڊي، سيف ڊپازٽ والٽ جي ڄاڻ ڏبي.

سي. پاڻمرادو اوهان جو رجسٽر ۾ نالو لکيو ويندو. 'ڊو ناٽ ڪال سروس' لاءِ جئن اوهان کي، اوهان جي لکيت ۾ ڏيڻ سواءِ، ڪنهن به نئين شيوا لاءِ فون رستي، اي ميل يا ايس ايم ايس نيا پو نه موڪليو وڃي.

**3.3 وياج جا نرخ**

اسين اوهان کي ڄاڻ ڏيند اسين.

ICICI Bank

اي. اوهان جي اڪائونٽ ۾ رقم تي وياج جو نرخ ڪهڙو هوندو، قرض تي ۽ ڊپازٽ تي.

بي. اوهان کي ڊپازٽ تي وياج ڪڏهن ملندو يا قرض تي وياج.

سي. ڪهڙي طريقي وياج کي جوڙيو ويجي ٿو ۽ وياج ورتو ويجي ٿو.

**وياج تي نرخ ۾ بدل**

اوهان کي وياج جي بدل بابت ٻڌايو ويندو.

***3.4 نرخ نامو جي فهرست***

***اجورو ۽ قيمت***

اي. اسين پنهنجن برانچن ۾ :

i) نوٽيس بورڊ تي هٽنداسين يا اوهان مفت ۾ ڄاڻ حاصل ڪري سگهندا.

ii) شيوائن بابت ڄاڻ مفت.

iii) سيونگ اڪائونٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ بقايا نه رکڻ سان قيمت. ٻاهرين چيڪن جي متائڻ لاءِ ملهه. ڊمانڊ ڊرافت ڪيائڻ لاءِ ملهه ۽ نئون چيڪ بوڪ وٺڻ لاءِ ۽ اڪائونٽ اسٽيٽمينٽ لاءِ چارج، اڪائونٽ بند ڪرڻ ۽ اي ٽي ايم ۾ پئسا وجهائڻ يا ڪڍائڻ لاءِ چارج.

بي. اسين اوهان کي چونڊيل شيوا تي قيمت بابت پوري ڄاڻ ڏينداسين.

سي. اسين اوهان کي پوري پوري ڄاڻ ڏينداسين ته اوهان کي گهٽي رقم ڀرڻي پوندي، جيڪڏهن اوهان ڪابه ڪيل واعدي جي ڀڃڪري ڪئي.

**ڪابه بدل سدل اجورو ۽ ملهه ۾**

جيڪڏهن ڪابه بدل ڪري اسان شيوائن جي قيمت يا اجورو وڌائينداسين ته اوهان کي ان بابت هڪ مهنو اڳه ڄاڻ ڏينداسين.

**3.5 مدو ۽ شرط**

اي. جڏهن اوهان پهريون ڀيرو اسان جا گراهڪ ٿيندا، اسين اوهان کي چونڊيل شيوا لاءِ پنهنجي شرطن بابت ڄاڻ ڏينداسين.

بي. اسان جا شرط بلڪل واجبي هوندا، سڌا ۽ سولا هوندا ۽ نامينيشن شيوا لاءِ به اوهان کي ذهن نشين ڪرايو ويندو.

**مدن شرطن ۾ بدل**

اي. جڏهن اوهان پهريون ڀيرو گراهڪ ٿيندا ته اوهان کي مدي ۽ شرطن ۾ بدل سدل بابت هيٺئين نموني ٻڌايو ويندو :

i) اڪائونٽ اسٽيٽمينٽ، پاس بوڪ.

ii) اي ٽي ايم

iii) هر برانچ ۾ لڳل نوٽيس بورڊ معرفت

iv) انٽرنيٽ، اي ميل ۽ ويب سائيٽ

v) اخبارن معرفت

بي. ڪابه بدل ڪبي ته هڪ مهنو اڳه ان جي ڄاڻ ڏبي.

سي. جيڪڏهن اسان ڪابه بدل، مهنو اڳه ٻڌائڻ بنا ڪئي ته اوهان سٺ ڏينهن اندر، جي اوهان کي ڪو نقصان ٿئي ٿو، اڪائونٽ بند ڪري سگهو ٿا يا رٿا بدلائي سگهو ٿا، جنهن لاءِ اوهان کي ڪابه قيمت ڏيڻي نه پوندي.

ڊي. جيڪڏهن اسان ڪا هڪ سال ۾ وڏي بدل ڪئي يا ننڍي بدل ڪئي ته اوهان جي گهرڻ سان نون شرطن جي ڪاپي ڏني ويندي.

***4 اشتهار، مارڪيٽنگ ۽ وڪرو***

اي. اسين اشتهار نامي ۾، ڪنهن کي به غلط ڄاڻ نه ڏينداسين، صاف سٿرا ڇپيل پترا هوندا.

بي. ڪنهن به پريس، ميڊيا ۽ ترقي لاءِ ڇپيل لٽريچر، جيڪو بئنڪنگ شيوائن ڏانهن ڌيان ڇڪائي يا وياج نرخ ڏانهن ڌيان ڇڪائي. ان ۾ شيوائن جي قيمت ڏني ويندي ۽ انهن جا ماپا ڪهڙا هوندا، شرط ڪهڙا هوندا، جيڪي طلبڻ سان ڏنا ويندا.

سي. اهو به ٻڌايو ويندو، جي، اسين ٽين پارٽي جي مدد وٺون ٿا ۽ انهن کي اسان جي اها هدايت هوندي ته هو اوهان جي شخصي ڄاڻ کي ظاهر نه ڪن ۽ ان ئي نموني شيوائون ڏين، جيڪي اسان جي ماپي ۾ اچن ٿيون.

ڊي. اسين، وقت به وقت اوهان کي اسان جي نين شيوائن بابت ڄاڻ ڏيندا رهنداسين. نيون ڳالهيون جيڪي اسين ڪنداسين، جيڪڏهن اوهان اهڙي مرضي لکيت ۾ ڏيکاري هوندي. اها ڄاڻ اسين پوسٽ ۾ ڏينداسين يا ويب سائيٽ تي موجود هوندي يا فون بئنڪنگ سروس گراهڪن لاءِ.

اي. اسان انتظام وارو قانون ناهيو آهي. جنهن هيٺ، جن کي اسان مارڪيٽنگ ڪرڻ لاءِ اختياري ڏني آهي. 'ڊي ايس اي' موجب هلڻو آهي. هنن کي ان نموني واقفيت ڏيڻي آهي، ڇڏهن هو اوهان وٽ وڪري لاءِ اچن ٿا، شخصي طرح يا فون تي.

ايف. جيڪڏهن اسان وٽ ڪنهن عيوضي يا ڊي ايس اي جي ماڻهو جي شڪايت درج ٿيندي ته هنن بي واجبي فائدو ورتو آهي يا غلط نمونو اختيار ڪيو آهي جا قانون جي ڀڃڪري آهي ته اسين قاعدي هيٺ ضروري قدم کڻنداسين ۽ اوهان جو ٿيل نقصان واپس وٺي ڏينداسين.

**5 شخصي ۽ خانگي**

اسين اوهان جي شخصي ڄاڻ کي لڪائي رکنداسين. (پوءِ ڀل اوهان اسان جا گراهڪ نه به هجو) هيٺ ڏنل عقيدن جو خيال رکيو ويندو. اسين اوهان جي اڪائونٽن جي فهرست ظاهر ٿيڻ نه ڏينداسين پوءِ ڀل اها ڄاڻ اوهان وٽان نه مليل هجي. سواءِ ڪن شرطن سان :

اي. جيڪڏهن اسان کي قاعدي موجب ڄاڻ ڏيڻي آهي.

بي. جيڪڏهن اسان کي عوام کي ڄاڻ ڏيڻ ضروري آهي.

سي. جيڪڏهن ڄاڻ ڏيڻ اسان لاءِ ضروري ٿي پوي ۽ فائديمند هجي (مثال ٺڳي ءَ کان بچڻو هجي) پر اسين ان کي سبب بڻائي اوهان جو نالو، پتو يا اڪائونٽ نمبر جي ڄاڻ به نه ڏينداسين ۽ اسان سان گڏيون ڪمپنيون به جيڪي آهن، اهي به ڄاڻ نه ڏينديون.

ڊي. جيڪڏهن اوهان جي موڪل هوندي يا ائين اوهان چاهيندا.

اي. جي اوهان جي لاءِ بئنڪ جو حوالو ڏيڻو پوي. ان لاءِ اوهان جي لکيت ۾ موڪل کپندي.

ايف. اوهان کي قاعدي موجب ٻڌائينداسين ته اوهان جا حق ڪهڙا آهن، اهوان تي منحصر ٿو ڪري ته اسان وٽ اوهان بابت ڪهڙي ڄاڻ موجود آهي.

جي. اسين اوهان جي شخصي ڄاڻ، ظاهر نه ڪنداسين. جيستائين اوهان جي موڪل نه هوندي.

**5.1 اوڌر جي حوالي ۾ ايجنسي**

اي. جڏهن اوهان اڪائونٽ کوليندا، تڏهن اوهان کي ٻڌائينداسين ته ڪڏهن انهن اوڌر جي حوالي ايجنسي کي اوهان جي اڪائونٽ بابت ڄاڻ ڏينداسين.

بي. اسان اوڌر جي حوالي ايجنسي کي ڄاڻ ڏئي سگهون ٿا ته اوهان مٿان اسان جي گهٽي رقم آهي، جيڪڏهن :

i) اوهان وقت تي رقم ڏيڻ تي گٿا آهيو.

ii) ورتل رقم تي ڪو به تڪرار ڪونهي ۽

iii) جيڪڏهن اسان جي طلب تي اوهان وقت سي رقم ڀريندا رهيا آهيو.

سي. هن حالت ۾ اسين اوهان کي لکيت ۾ ٻڌائينداسين ته اوهان جي ورتل رقم بابت اسين اوڌر جي حوالي ۾ ايجنسي کي ٻڌائينداسين. ساڳئي وقت اوهان کي اوڌر ڏيندڙ ايجنسي بابت سمجهائينداسين به جئن اوهان کي اوڌر ملي سگهي.

ڊي. اسين ان اوڌر واري ايجنسي کي روزاني وهنوار بابت پڻ ٻڌائي سگهون ٿا. اڪائونٽ بابت پڻ، جيڪڏهن اوهان ائين ڪرڻ جي موڪل ڏني آهي.

اي. اوهان کي ايجنسي کي ڏنل ڄاڻ جي ڪاپي ڏني ويندي يا سندن ڇپيل ڄاڻ جا پترا ڏنا ويندا جن ۾ هنن جي وهنوار بابت ڇپيل آهي.

***6 لهڻي جي اوڳاڙ***

جڏهن به اوهان کي اسين قرض ڏيون ٿا، اوهان کي چڱي ءَ طرح ٻڌائينداسين ته ڪيتري وقت لاءِ قرض ٿيندو ۽ ڪيئن واپس ورتو ويندو وغيره. پوءِ جيڪڏهن اوهان وقت سر نه ڀريندا ته قاعدي موجب ان جي وصولي ڪئي ويندي. ٿي سگهي ٿو اوهان کي ان لاءِ نوٽيس موڪليو وڃي. شخصي طرح اوهان وٽ اچڻو پوي يا **ماڻهه** وصولي لاءِ، اوهان جي رکيل ڏراوت کي ڪم آڻجي، جيڪڏهن ڏراوت رکيل هجي ته.

اسان جي وصولي نمونو، مروت تي ٻڌل آهي. گڏجي سمجهائڻ سان ڳالهه ختم ڪرڻ تي ٻڌل آهي. اسان جو گراهڪ سان ناتو گهڻو وقت هلي، هن کي وشواس ۾ آڻڻ ٿا چاهيون. اسان طرفان ڪوبه ماڻهو وصولي لاءِ اچي ته هن وٽ اسان جو باقاعدي لکيل خط هوندو، اوهان جي طلب تي هو يا هوءَ بئنڪ جو واقفيت ڪارڊ ڏيکاريندي.

اسين اوهان کي سڄو ليکو ڏيکارينداسين، گهربل ڄاڻ ڏينداسين ۽ رقم موٽائڻ لاءِ واجبي وقت پڻ. اسان جا وصولي ڪندڙ عيوضي هيٺ ڏنل هدايت نامي تي هلندا :

اي. هو اوهان سان، اوهان جي پسند ڪيل جاءِ تي ملندا ائين نه ته اوهان جي رهايش تي، جي اوهان جي اتي نه هوندا ته اوهان جي ڌنڌي واري جاءِ تي يا جتي اوهان ڪم ڪيو ٿا.

بي. اوهان کي پهرين پهرين واقفيت جو ڪارڊ ڏيکاريو ويندو.

سي. اوهان جي خلاصگائي جو خيال رکيو ويندو.

ڊي. اوهان سان وهنواري نموني پيش اچبو.

اي. اوهان سان صبح جو 7 بج ۽ شام جو 7 بج وچم گڏجبو جي هروڀرو حالتون ان سان نه ٺهڪنديون هجن.

ايف. ڪوشش ڪري اوهان کي تنگ نه ڪندڙ وقت تي فون ڪبو يا ڪنهن خاص جاءِ تي.

جي. ڪيترا دفعا اوهان کي فون ڪيا يا ڇا ڳالهايو، ان جو حساب رکيو ويندو.

ايچ. پوري پوري ڪوشش ڪئي ويندي جئن ملي جهلي رقم جي وصولي ٿي سگهي.

آءِ. رقم وصول ڪرڻ وقت اوهان سان نرمائي سان پيش اچبو.

جي. جيڪڏهن گهر ۾ اڻٽندڙ واقعو هوندو ته ڪوشش ڪري ان وقت وصولي لاءِ نه فون ڪبا ۽ نه ئي اتي اچبو.

***6.1 سلامتي وري قبضو تجويزي بيان :***

واپسي قبضو وٺڻ لاءِ، اسين قاعدي موجب قدم کڻنداسين ۽ طلب سي پاليسي جي ڪاپي ڏينداسين.

### 7 شڪايتون، اهنج ۽ اپاءَ

#### 7.1 اندريون سرشتو

اي. جي اوهان شڪايت ڪرڻ چاهيو ٿا ته اسين اوهان کي ٻڌائينداسين.

i) اُها ڪٿي ڪري سگهجي ٿي.
ii) اها ڪيئن ڪريو.
iii) اها ڪيئن ڪرڻ کپي.
iv) گهٽي وقت ۾ جواب ملڻ کپي.
v) ڪنهن ڏانهن نهارڻ گهرجي اميد سان.
vi) جڏهن اوهان راضي ناهيو ته ڇاڪرڻ کپي.
vii) اسان جو عملو اوهان جي سوالن کي سلجهائيو.

بي. چڏهن اوهان اسان جا گراهڪ ٿيندا، اسين توهان کي سرشتي بابت ٻڌائينداسين، جئن اوهان جي شڪايت جلد ٻڌي وڃي.

سي. جيڪڏهن اوهان جي شڪايت لکيت ۾ ڏنل آهي ته اوهان کي هڪ هفتي ۾ جواب ملي ويندو. اوهان جي شڪايت جي هيلپ لائين فون تي ڪيل آهي يا ڪسٽم سروس ته اوهان شڪايت نمبر ڏنو ويندو ۽ اوهان کي ان بابت ڄاڻ به واجبي وقت ۾ ڏني ويندي.

ڊي. ڪيل شڪايت کي جاچيندي، ان جو اڳه پٺ ڏسندي، ڇهن هفتن جي اندر جواب ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن اجان به اوهان راضي نه هوندا اته ڪان پوءِ ڇا ڪرڻو آهي، ٻڌايو ويندو.

#### 7.2 بئنڪنگ روم يوسمئن شيوا

اي. اسان ويب سائيٽ تي ڏينداسين ۽ سين برانچن جي نوٽيس بورڊن تي به لکنداسين ته اسين **بئنڪنگ اوم بدسمئن** شيوا 2006، رزرو بئنڪ آف انڊيا جي تحد. ان جي ڪاپي، طلب ڪرڻ تي ٿورن ريين ۾ ڏني ويندي.

بي. هڪ مهني اندر، شڪايت ڏيڻ ڪانپوءِ جي اوهان کي راضي ڪندڙ جواب نٿو ملي ۽ اوهان اڳيان وڃڻ ٿا چاهيو ته اوهان رزرو بئنڪ آف انڊيا جي مقرر ڪيل بئنڪنگ اوم بدسمئن کي لکي سگهو ٿا. جنهن جي خلاصگائي بئنڪ جي نوٽيس بورڊ تي لڳل هوندا ۽ اسان جي ويب سائيٽ تي به ڏنل آهن. اسان جو عملو به اوهان کي ان بابت سمجهائيندو.

### 8 ضرب اپت ۽ شيوائون

#### 8.1 ڊپازٽ اڪائونٽ

اوهان اسان وٽ ڪهڙابه اڪائونٽ کولي سگهو ٿا. جئن **سيونگ** اڪائونٽ، **ٽرم** ڊپازٽ، **ڪرنٽ** اڪائونٽ ۽ ساٿ ساٿ '**نوفرلس**' اڪائونٽ وغيره. اوهان هيٺ ڏنل نموني اڪائونٽ کولي سگهندا.

i) اڪيلو
ii) گڏيل (جائنٽ)
iii) گڏيل (ايدر يا سروائيور)
iv) گڏيل (فارمر يا سروائيور)
v) گڏيل (ليٽر يا سروائيور)
vi) يا پيو ڪوبه اڪائونٽ

نامينيشن سان يا ان ڪانسواءِ. اسان اوهان کي اڪائونٽ جي باري ۾ سمجهائينداسين، جنهن وقت اوهان اڪائونٽ کوليندا. اسين اوهان کي فڪسڊ ڊپازٽ شيوا جي به ڄاڻ ڏينداسين ۽ 'سويپ اڪائونٽ' پڻ يا اهڙا ٻيا ضرب اپت اڪائونٽ ۽ انهن مان فائدو ۽ طريقو وغيره.

**اڪائونٽ کولڻ ۽ ڊپازٽ اڪائونٽ جو طريقو**

**ڪنهن به ڊپازٽ اڪائونٽ کولڻ کان اڳه، اسين اوهان کي ٻڌائينداسين :**

اي. ڪي واءِ سي يعني 'نو يوئر ڪسٽمر' سرشتي موجب بئنڪ جي ڄاڻ ڏني ويندي.

بي. اوهان کان پوري ڄاڻ طلبي ويندي.

سي. اوهان کان صرف اها ڄاڻ ورتي ويندي جا ڪي واءِ سي جي سرشتي هيٺ اچي ٿي، يعني ائنٽي متي لانڊرنگ يا جيڪو ضروري هوندو. ان کان به وڌيڪ جي ڪنهن ڄاڻ جي ضرورت هوندي ته اها الڳه نموني سبب ڏيندي، پڇڻ يا پنهنجو پاڻ ڏيٽي آهي.

ڊي. اوهان کي اڪائونٽ کولڻ لاءِ فارم ۽ ٻيو گهربل مصالو ڏنو ويندو. جنهن ۾ پوري پوري ڄاڻ هوندي ته فارم ڪيئن پرجي ۽ ڪهڙا گهربل دستاويز جاچ لاءِ ڏيڻا آهن. يا 'ڪي واءِ سي' مطابق ڇا ڇا ڏيڻو آهي.

اي. سرشتي بابت ڪلي نموني اڪائونٽ کولڻ بابت ٻڌايو ويندو.

ايف. ويمي ڪرڻ واري رٿا موجب ڊپازٽ، ويمو ڪرائڻ جي به ڄاڻ ڏني ويندي. (ڊي آءِ سي جي سي) ڪريڊٽ گئرنٽي ڪارپوريشن آف انڊيا جي قانون موجب، ان ۾ ڪي شرط به آهن.

**اڪائونٽ جي بدل**

اي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي کوليل سيونگ يا ڪرنٽ اڪائونٽ مان راضي ناهيو (ٽرم ڊپازٽ اڪائونٽ کي ڇڏي) ته پهرين رقم وجهڻ کان 14 ڏينهن اندر، اسين اوهان کي ٻئي اڪائونٽ ۾ وڃڻ جي مدد ڪنداسي يا جي اوهان چاهيو ته وياج (جيڪو نرخ هوندو) سميت رقم واپس ڪنداسين، ڪنهن به ڏنڊ يا نوٽيس مدي ڪانسواءِ.

بي. جي ڪڏهن اوهان ڪرنٽ–سيونگ اڪائونٽ بند ڪرڻ چاهيندا ته اوهان جي ڏنل هدايت کان پنجن ڏينهن ۾ اهو بند ڪنداسين.

سي. جي اوهان اسان جي ٻي ڪنهن برانچ ۾ اڪائونٽ بدلڻ چاهيو ته ائين ڪنداسين، جنهن لاءِ به هفتا کپن ۽ اوهان کي ڪي واءِ سي جي سرشتي موجب تي نئين برانچ ۾ هلڻو آهي. اسين اوهان کي ان بابت ٻڌائينداسين جي ڪا رقم اوهان کي ڏيٽي هوندي.

ڊي. اوهان کان ڪابه بئنڪ چارج نه ورتي ويندي جي ڪا اسان کان غلطي ۾ ورتل هوندي.

#### 8.1.1 سيونگ ۽ ڪرنٽ اڪائونٽ

**جڏهن اوهان ڊپازٽ اڪائونٽ کوليندا ته اسين اوهان کي ٻڌائينداسين.**

اي. ته ڪيترا دفعا رقم وڌي اٿو ۽ رقم ڪڍي اٿو، اهو سپ مفت.

بي. ڪهڙيون چارجز ٿينديون، جي اوهان مقرر حد کان ٻاهر رقم ونندا. اجورو نرخ نامي موجب ورتو ويندو.

سي. اوهان کي وياج جو نرخ به ٻڌائينداسين. جو اوهان جي سيونگ ڊپازٽ تي ڏنل هوندو ۽ اهو ڪيئن ڳڻيو ويو آهي.

**گهٽ ۾ گهٽ بئلنس**

سيونگ بئنڪ اڪائونٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ بئلنس رکڻ جي ڄاڻ برانچ جي نوٽيس بورڊ تي لکي ويندي. سيونگ، ڪرنٽ، ڊپازٽ اڪائونٽن لاءِ اوهان کي ڄاڻ ڏئي سگهجي.

اي. گهٽ ۾ گهٽ بئلنس ڪيترو رکڻو آهي ۽ ان جا قاعدا قانون.

بي. ڪيتري چارج لڳندي، جي اوهان جو گهٽ ۾ گهٽ بئلنس اڪائونٽ ۾ نه هوندو، جنهن جي فهرست ڏني ويندي.

**چارجز (ملهه)**

اوهان کي نقل پاس بوڪ، نقل اسٽيٽمينٽ (بيان) وٺڻ لاءِ، چيڪن جون ڪاپيون، چيڪ بوڪ، ڊيبٽ ڪارڊ، اي ٽي ايم ڪارڊ، پورو بئلنس نه هئڻ ڪري واپس چيڪ لاءِ، صحيح ڪي ڏسڻ لاءِ، الڳه چارج ورتي ويندي، جيڪا نرخ نامين ياداشت ۾ ڏيکاري ويندي. ڪابه رعايت ڪريڊٽ ڪارڊ جي في ۾ هوندي. اها واپس صرف مدي اندر ڏبي.

**اسٽيٽمينٽ (بيان)**

اي. اوهان کي اوهان جي اڪائونٽ اسٽيٽمينٽ (بيان) ڏني ويندي، جئن اوهان ان کي جاچي سگهو (جي اوهان پاس بوڪ وٺڻ پسند ڪيو هجي ته ٻي ڳالهه آهي.)

بي. جي اوهان چاهيو ته وڌيڪ اسٽيٽمينٽ (بيان)، هون ۽ کان وڌيڪ ڏئي سگهبيون جي اوهان جي اڪائونٽ ۾ گهٽيون لکتيون آهن. جنهن لاءِ چارج (قيمت) ورتي ويندي جئن نرخ نامي ۾ ڄاڻايل هوندو.

سي. اوهان ڪائونٽر تي ڪجهه تازيون لکيتون، جي چاهيو ته ڏسي سگهو ٿا يا اي ٽي ايم تي يا انٽرنيٽ تي، جا سهوليت اسان وٽ آهي.

ڊي. اسين اوهان کي اي ميل معرفت ۾ اسٽيٽمينٽ موڪلي سگهون ٿا يا اسان جي بئنڪنگ سروس ذريعي، جي ائين اوهان چاهيو، جي اسان وٽ اهڙي ان وقت سهوليت هجي؟

#### 8.1.2 ٽرم ڊپازٽ (مقرر وقت لاءِ رکيل رقم)

**وقت کان اڳه رقم ڪڍائڻ**

**اسين اوهان کي**

اي. ان جو نمونو ٻڌائينداسين ته مدي پوري ٿيڻ کان اڳه رقم ڪيئن ونجي.

بي. وياج نرخ جي به ڄاڻ ڏينداسين جيڪو وياج مدي کان اڳه رقم وٺڻ تي ورتو ويندو.

#### 8.1.3 مدي پوري ٿيڻ تي ڊپازٽ کي وري رکڻو هجي

اسين اوهان کي وياج جي نرخ بابت ٻڌائينداسين، جي اوهان ان ڊپازٽ کي وري رکڻ چاهيندا. **ڊپازٽ جي سايي ۾ اڳواٽ رقم وٺڻ** اسين اوهان کي ٻڌائينداسين ته ڊپازٽ هوندي، قرض ڪيئن ونجي يا رقم ڪيئن ونجي. '**نو فرلس اڪائونٽ**' اسين اوهان کي '**نو فرلس**' اڪائونٽ هلائڻ جو يا ته ڪجهه به بئلنس نه هجي يا گهٽ ۾ گهٽ بئلنس هجي، بابت طريقو ٻڌائينداسين. ان لاءِ چارجز (قيمت) الڳه ٻڌائينداسين. ان ۾ ڪاروباري انتظام کي قبضي ۾ رکيو ويندو، جنهن لاء اوهان کي اڪائونٽ کولڻ وقت صاف صاف ٻڌايو ويندو.

#### 8.1.4 گهٽ عمر (مائينر) جو اڪائونٽ

اوهان کي سمجهائينداسين ته گهٽ عمر واري ٻار جو اڪائونٽ، جي اوهان پڇيو، ته ڪيئن کولجي ۽ هلائجي.

#### 8.1.5 خاص اڪائونٽ

اسان پوري پوري ڪوشش ڪنداسين ته **سينئر سٽيزنس**، وڏا وارن ۽ اٽڙهيل، اسان وٽ ڪنهن به تڪليف کان سواءِ اڪائونٽ کولين، جن لاءِ اسان خاص سهولتين ڏينداسين.
اسين نيترهيڻ کي به شيوائن ۽ اڪائونٽ کولڻ لاءِ سمجهائينداسين، بشرطيڪ هو اسان جي بئنڪ ۾ اچن ۽ ڪنهن شاهد سان گڏ جيڪو کين ۽ بئنڪ کي سڃاڻندو هجي.

گھٽو ڪري اٽپڙھيل يا نيترھيڻ ڪي چيڪ بوڪ جي سھوليت نہ ڏني ويندي آھي. پر قرض واپس ڏيڻ لاءِ يا بلن جي نيڪالي لاءِ اسين چيڪ بوڪ ڏيڻ لاءِ سوچيندا آھيون.

### 8.1.6 ڊورمنٽ-ان آپريٽو (ستل يا بي اثر) اڪائونٽ

**اسين اوھان ڪي**

اي. جڏھن اوھان ڪوليندا. اسين اوھان ڪي ٻڌائيندا سين تہ اڪائونٽ گھٽي وقت ڪانپوءِ ان ڪي ستل يا بي اثر چيو ويندو يا ان جو ڪوبہ ڏٽي ناھي. اوھان ڪي ٿي مھنا اڳہ اھڙي جاڻ ڏني ويندي. بئنڪ چارجز سميت.

بي. اوھان ڪي وري ان اڪائونٽ ڪي چالو ڪرڻ جو رستو ٻڌايو ويندو، جي اوھان چاھيو.

### 8.1.7 اڪائونٽ بند ڪرڻ بابت

موافق حالتن اندر اسين اوھان جو اڪائونٽ ھڪ مھني جي نوٽيس ڏيڻ سواءِ بند نہ ڪنداسين. پر ڪن غير رواجي حالتن ۾ يعني برابر اڪائونٽ ڪي نہ رکڻ ۾ وغيره. انھن حالتن ۾ اوھانکي پنھنجو بندوبست خود ڪرڻو پوندو. انھن چيڪن لاءِ، جيڪي اوھان اڳہ ئي ڪيدي چڏيا آھن ۽ بيا چيڪ بہ اوھان ڪي ان اڪائونٽ جا نہ ڪيڻ ڪپن.

### 8.2 مٽائڻ جو چڪر - مٽائڻ جون شيوائون

**اسين اوھان ڪي**

اي. لوڪل چيڪن مٽائڻ جو چڪر سمجھائيندا سي ۽ ٻاھرين چيڪن بابت جاڻ ڏبي تہ اوھان ڪي انھن جي رقم ڪڏھن ملندي ۽ دير سان رقم اچڻ ڪري اوھان ڪي ڪڏھن ڪان وياج ملندو، **چيڪ ڪليڪشن پاليسي** موجب.

بي. جيڪڏھن اوھان چاھيو تہ ٻاھرين چيڪن متجڻ تائين انھن جي اڳواٽ رقم ڪپي، ان لاءِ اسين جيڪڏھن رقم ڏني تہ اھا ڪيتري حد تائين ھوندي، ان لاءِ پوري جاڻ، جيڪڏھن اوھان جو اڪائونٽ برابر ماپي اندر ھوندو.

سي. اسان جي چيڪ مٽائڻ جي پاليسي موجب اسين اوھان ڪي مدد ڪنداسين، اوھان ڪان چيڪن-بلن جون ڪاپيون بہ وٺنداسين، جيڪڏھن ڪٿي چيڪ-بل وغيره رستي تي گم ٿي وڃن.

ڊي. اوھان ڪي اڪائونٽ ڪولڻ وقت سچي خبر ڏبي، جي اوھان پڇيو. جيڪڏھن اسان جي رٿائن ۾ ڪابہ بدل آئي تہ اسان جي ان بدل بابت ويب سائيٽ تي جاڻ ڏنل ھوندي ۽ گڏوگڏ سين برانچن جي نوٽيس بوردن تي پڻ.

### 8.3 روڪ جو وھنوار

اسين اوھان وٽان چيڪ-روڪ ڪائونٽر تي قبول ڪنداسي، جتي اوھان جو اڪائونٽ ڪليل ھوندو. اسين اوھان جا ميراٽيل نوٽ / ڦاٽل نندا سڪا، رزرو بئنڪ جي ھدايتن موجب، بدلائي ڏينداسين. اوھان ڪي **پئن نمبر** ڏيڻو پوندو. جيڪڏھن مقرر ڪيل حد ڪان وڌيڪ رقم جو وھنوار ڪندا.

### 8.3.1 سڌو ڪنتي لکڻ ۽ لکيل ھدايتون

اي. اڪائونٽ ڪولڻ وقت اسين اوھان ڪي ٻڌائيندا سين تہ ڪيئن ڪنڌي ڪلڻ لاءِ ڪليل ھدايتون ڏيڻ سان ڪم ٿيندو ۽ اوھان ڪيئن ڏنل ھدايتون درج / رد ڪري سگھو ٿا، جنھن لاءِ اجورو ورتو ويندو.

بي. اوھان جي ڏنل فرمان موجب جئن سڌو ڪنڌي لکڻ **اليڪٽرانڪ ڪليرنگ سروس** (اي سي ايس) ۽ ٻيون ڪليل ھدايتون.جيڪڏھن ڪن حالتن ۾ اوھان جو فرمان موجب ڪم نہ ٿيو ۽ ڪجھ دير ٿي وئي ۽ جنھن لاءِ اوھان ڪي ڪجھ نقصان پيو يا وڌيڪ نقصان ٿيو، اوھان ڪي بئنڪ جي پاليسي موجب اھو نقصان، پري ڏنو ويندو. جيڪڏھن فرمان موجب اسين ھلون ٿا ۽ اوھان جي اڪائونٽ ۾ رقم گھٽ آھي تہ اوھان ڪان نرخ نامي موجب، اجورو ورتو ويندو، اھو وقت بہ وقت بدلي سگھندا آھي.

سي. اي سي ايس معرفت رقم موڪلڻ وقت، وٺندڙ ڪي چتايو ويندو، جڏھن اسين گراھڪ طرفان ائين ڪريون ٿا.

ڊي. اوھان جي اڪائونٽ ۾ وياج سميت رقم واپس وڌي ويندي. جيڪڏھن ڪڏھن بہ اھو ثابتي سان ڏنو ويو تہ ڪنھن غلطي ڪري رقم اوھان جي اڪائونٽ ۾ ڪنڌي لکي وئي آھي- سڌو ڪنڌي لکڻ واري ھدايت موجب، ان لاءِ بئنڪ جي ھرجاڻو ڏيڻ واري ٿا واجب.

### 8.4 رقم نہ ڏيڻ جي شيوا

**اسين اوھان جا**

اي. اوھان جي ھدايت موجب، اسين نڪتل چيڪ جي رقم ڏيڻ ڪي روڪي سگھنداسي جي ان چيڪ جي رقم ڏيڻ ڪان اڳہ، اوھان جي ھدايت پھتي پھچڻ جي قبوليت ڏني ويندي.

بي. جي ضروري ھوندو تہ ان جو اجورو ورتو ويندو، جيڪو بئنڪ جي نرخنامي ۾ ھوندو، جو وقت بہ وقت بدلايو ويندو آھي.

سي. جيڪڏھن ڪيڊيل چيڪ جي رقم ڏني وئي آھي، اوھان جي ھدايت ملڻ ڪانپوءِ بہ تہ ان حالت ۾ بئنڪ جي ھرجاڻو ڏيڻ واري رٿا موجب، اوھان ڪي ھرجاڻو ڏنو ويندو.

### 8.5 چيڪ اوھان جون سڌو ڪنڌي لکڻ واريون ھدايتون

**اسين اوھان ڪي**

اي. اسين اوھان جا اصولڪا چيڪ. ڪنڌي لکڻ واريون ھدايتون، اوھان جي اڪائونٽ مان ڏنل رقم، نقد اوسٽائين رکنداسين جيسٽائين قاعدي موجب ضروري ھوندو.

بي. اسين اوھان ڪي چيڪن. ڪنڌي لکڻ واريون ھدايتون جو نقل، ضرورت پوڻ تي ڏينداسين، جيسٽائين اھي اسان وٽ موجود ھوندا. جيڪڏھن ڪڏھن چيڪ جي رقم ڏيڻ تي يا ھدايت موجب ڪنڌي لکڻ تي ڪو تڪرار آھي، تہ ھڪ سال اندر لکيت ۾ ڏيڻ سان بنا اجوري وٺڻ جي ڏينداسي. پر ھڪ سال ڪانپوءِ انھن نقلن لاءِ اوھان ڪي نرخنامي موجب اجورو ڏيڻو پوندو.

سي. اوھان ڪي ٻڌائيندا سي تہ **رقم نہ ڏنل چيڪن ۽ ختم ٿي ويل تاريخ وارن چيڪن** جو چا ٿيندو. اوھان ڪي پورو بئلنس نہ ھئڻ ڪري واپس چيڪن لاءِ اجورو پرڻو پوندو. اھو بئنڪ جي نرخنامي موجب ھوندو، جيڪو وقت بہ وقت بدلايو ويندو آھي.

### 8.6 برانچ بند / بدل سال

جيڪڏھن اسان ڪي ڪا برانچ بند ڪرڻي آھي يا ٻئي ھنڌ بدل سدل ڪرڻي آھي تہ اوھان ڪي

اي. ان لاءِ ٽي مھنا اڳہ جاڻ ڏينداسين ۽ جي آس پاس ۾ ٻي ڪنھن بئنڪ جي برانچ ڪانھي تہ اوھان ڪي بئنڪ سان وھنوار بابت ٻڌايو ويندو.

بي. جي ڪنھن ٻي بئنڪ جي برانچ پاسي ۾ آھي تہ بہ مھنا اڳہ چتايو ويندو.

### 8.7 سرڳواسي جي اڪائونٽ جو اڪلاءُ

### 8.7.1 اسين سولي ۾ سولي رستي سرڳواس ٿي ويلن جي اڪائونٽ جو اُڪلاءُ ڪنداسين.

**اي) اڪائونٽ مرڻ ڪانپوءِ جيئري ٽاميني ۽ فقره موجب**

جيڪڏھن سرڳواسي جو ڊپازٽ اڪائونٽ آھي ۽ ھن نامينيشن سھوليت ڪم آندي آھي ۽ نامينيشن ڪئي آھي يا ھن اڪائونٽ ڪولڻ وقت سروائيور (جئيرورھڻ) جو نالو لکيو آھي يعني 'ايدر آر سروائيور' يا 'ايني ون آر سروائيور' يا 'فارمر آر سروائيور' يا 'ليٽر آر سروائيور'، بئلنس جيڪو ڊپازٽ اڪائونٽ ۾ ھوندو. اھا رقم نامينيِ / سروائيور ڪي ڏني ويندي. بشرطيڪ :

i) مرڻ واري جي پوري لکيت سان خبر ھجي ۽ نامينيِ / سروائيور جي واقفيت يا جاڻ ھئڻ ضروري آھي.

ii) ڪورٽ جو اھڙو ڪو فرمان ڪونھي تہ سرڳواسي جي اڪائونٽ مان رقم نہ ڏني وڃي.

iii) اھو نامينيِ / سروائيور ڪي صاف ٻڌايو ويندو تہ ڪيس سرڳواسي جي مرضي موجب رقم ڏني ٿي وڃي. نہ سندس حقن موجب جا ھو سنڀاليندو. يعني ان رقم تي، ھروڀروھن جو حق ڪونھي،پنين جو حق محفوظ رھندو.

تنھن ڪان جيڪا نامينيِ / سروائيور ڪي سرڳواسي جي رقم ڏجي ٿي. تنھن سان بئنڪ جي جوابداري پوري ٿي ٿئي. انھن حالتن ۾ اھو ضروري ناھي تہ 'سيڪشن سرٽفڪيٽ' جي طلب ڪئي وڃي. ائڊمنسٽريشن وٽان خط وغيره، جڏھن سرڳواسي جو نامينيشن يا سروائيور جو نالو ڏنل آھي، سرڳواسي جي اڪائونٽ ۾ ڪيتري بہ رقم ھجي.

بي. اھي اڪائونٽ جن ۾ نامينيِ سروائيور نہ ڏنل آھيانھن حالتن ۾، جتي ڊپازٽ ڪرڻ واري ڪنھن ڪي بہ نامينيِ نہ ڪيو آھي يا 'ايدر آر سروائيور' (سنگل يا جوئانٽلي اڪائونٽ) نہ لکيو آھي، اسين سولو رستو اختيار ڪنداسي يعني قاعدي موجب سندس وارث ڪي رقم ڏينداسي جئن ڪين رقم وٺڻ ۾ ڪا تڪليف نہ ٿئي. پر ساٿ ساٿ جو ڪي جو خيال رکندي، وارث ڪان انڊمنٽي جي طلب ڪرڻي پوندي ۽ سرڳواسي جي اڪائونٽ ۾ حد رکندي گھٽ ۾ گھٽ بئلنس بچائڻو پوندو.

سي) مدي ڪان پھرين ٽرم ڊپازٽ ڪي بند مدي واري فڪس ڊپازٽ وٺڻ وقت اسين فارم ۾ جاڻ ڏينداسين تہ جيڪڏھن مدي واري ڊپازٽ ۾، وقت پوري ٿيڻ ڪان اڳہ اھو شخص سرڳواس ٿي ٿو وڃي، تہ مدي ڪان پھرين ان ڊپازٽ جي رقم شرطن سان واپس ڪبي، ان بابت فارم ڀرڻ وقت لکيو ويندو ۽ جنھن لاءِ ڪو ڏنڊ بہ نہ ورتو ويندو.

ڊي) سرڳواسي جي پنين سان ھلت نامينيِ / سروائيور، جنھن ڪي سرڳواسي چونڊيو آھي. ھنن ڪي ڪابہ تڪليف ڏيڻ سواءِ، ھنن ڪان ائگريمينٽ (قبوليت) جو خط صحيح ڪرائيندا سي، جنھن لاءِ ھيٺ ڏنل بہ طريقا ھوندا.

i) اسان ڪي سرڳواسي جي نامينيِ / سروائيور ڪي اڪائونٽ ڪولڻ جو حق ڏيڻو پوندو ھن ڪي لکڻو آھي تہ سرڳواسي شري ................ جنھن جي نالي جيڪي رستي تي رقمون ھونديون، سي جمع ڪيون وڃن. بشرطيڪ ان اڪائونٽ مان ڪا رقم ڪيڍي نہ وڃي. يا

ii) اسان ڪي نامينيِ / سروائيور لکي ڏئي تہ ڪي بہ چيڪ اچن تن ڪي موڪلڻ وارن ڪي واپس موڪليو وڃي. اھو سبب ڏيندي تہ اڪائونٽ وارو سرڳواس ٿي ويو آھي. اھڙي خبر نامينيِ /سروائيور ڪي ڏني وڃي. جئن ھو موڪليندڙ ڪان رقم اي سي ايس يا ٻئي نموني گھرائي سگھن.

ICICI Bank

### 8.7.2 دعوي جي اُڪلاءَ ڪرڻ لاءِ مدو

اسين سرگواسي جي رقم ڏيڻ جو اُڪلاءُ ڪنداسين ۽ وڌ ۾ وڌ 15 ڏينهن جي اندر طلب ڪرڻ کان نامينيِ / سروائيور ڪي رقم ڏينداسين، بشرطيڪ سرگواسي جي ثابتي ۽ وننڌڙ جي واقفيت، جنهن مان بئنڪ راضي ٿئي.

### 8.8 سيف ڊپازٽ لاڪر

اسين، اوهان کي سڄي سيف ڊپازٽ لاڪرس لاءِ ڄاڻ ڏينداسيون ۽ شيون سنڀالي رکڻ لاءِ، پر جي اهي اسين شيوائون ڏئي سگهون.

### 8.9 پرڏيهي (فارين ايڪسچينج) سڪي جي شيوا

اي. جڏهن اوهان پرڏيهي سڪا خريد ڪندا، توهان کي ان وقت جي اگهه جي ڄاڻ ڏينداسين ۽ ان شيوا جي اجوري بابت، جيڪڏهن اهو ممڪن نه هوندو و ته اوهان کي ٻڌائينداسين ته اهو ڪيئن ٿي سگهندو.

بي. جيڪڏهن اوهان رقم پرڏيهه ۾ ڦيرائڻ چاهيندا، اوهان کي ان جوڏس ڏينداسين.

i) ان شيوا جو بيان ۽ ان جو طريقو.

ii) اوهان جي ڦيرايل رقم پهچڻ لاءِ گهٽا ڏينهن لڳندا ۽ دير لاءِ سبب، جي ائين ٿئي.

iii) پرڏيهه ۾ ڦيرائڻ لاءِ قيمت. (اهو موڪلڻ وقت ممڪن ناهي پر پوءِ اگهه جو سماءَ پئجي سگهندو).

iv) اوهان کي پوري ڄاڻ ڏبي ته گهٽي دلالي هوندي ۽ سڪي جو ڪهڙو اگهه لڳايو ويندو ۽ اهو به ٻڌايو ويندو ته وننڌڙ کي اتي جي بئنڪ کي دلالي يا قيمت ڏيڻي پوي.

v) اوهان کي ٻڌائڻو آهي ته ٻاهر ڦيرايل رقم جوڳي آهي يا نه. جيڪڏهن حوالا برابر ناهن، ڏنل ڪاغذ برابر ناهن ته اوهان کي انهن کي صحي ڪرڻ لاءِ چيو ويندو.

vi) جيڪڏهن وديش مان رقم اوهان جي اڪائونٽ ۾ اچي ٿي ته اوهان جي ڪيتري رقم آهي، ٻڌائينداسين ۽ ان تي لڳل رقم (چارجز) پڻ جي لڳايل هوندي. جي موڪليندڙ سڀ چارجز ڀرڻ لاءِ تيار هوندو ته اسين اوهان جي پوري رقم اڪائونٽ ۾ جمع ڪنداسين.

vii) اسين اوهان کي پرڏيهي سڪي ۽ ان تي چارجز بابت واقف ڪنداسين، جڏهن اوهان اهڙي طلب ڪئي.

viii) جيڪڏهن هڪ ڏينهن کان وڌيڪ، جڏهن رقم ڏيڻ جو مدو آهي، اوهان کي عيوضو ڏنو ويندو. (اي) آخرين تاريخ کان جي وڌيڪ دير ٿي، وياج جي ڏس ۾. (بي) فاريڪس جي ابتي چرپر ڪري اوهان جي نقصان جي پورائي ڪئي ويندي، بئنڪ جي نرخ نامي موجب.

ix) سڀ گهربل سرٽيفڪيٽ قانون موجب، بنا ڪنهن اجوري جي ڏنا ويندا.

### 8.10 پارت اندر رقم موڪلڻ

***جيڪڏهن اوهان، پارت ۾ رقم موڪلڻ چاهيو ٿا ته اسين ان بابت پڻ ٻڌائينداسي.***

اي. ان جو طريقو.

بي. ان کي سولائيءَ سان ڪيئن موڪلجي.

سي. موڪلڻ واري رقم تي ڪيتري قيمت (چارج) پوندي. بئنڪ جي نرخ نامي موجب، جيڪو وقت به وقت بدلايو وڃي ٿو. ان جي پوري خبر ۽ ڪنهن به اسان وٽان مليل سبب ڪري دير ٿئي ته بئنڪ جي رٿا موجب اوهان کي عيوضو ڏنو ويندو، جي ڪوبه نقصان ٿيو هوندو يا ان ڪري وڌيڪ خرچ ڪيو هوندو.

### 8.11 قرض ڏيڻ

اوهان کي قرض ڏيڻ يا وڌيڪ رقم ڏيڻ کان اڳ، ڪريڊٽ ڪارڊ جي حد يا ٻي اڌار وٺڻ وقت، اسين جاچ ڪنداسين، تخمينو لڳائينداسين، ته اوهان اهو سڀ واپس ڪري سگهندا ۽ جي ڪڏهن اسين ائين نه ٿا ڪري سگهون ته ان جو سبب لکيت ۾ ڏينداسين ته اوهان جي درخواست ڇو نه ٿي قبولي وڃي، جيڪڏهن ٻن لکن رپين کان وڌيڪ رقم جي اڌار جي درخواست ناهي، جيڪڏهن اوهان چاهيو ته ٻئي ڪنهن جي **ذمو (گئرنٽي)** کڻڻ يا ٻي سلامتي قبول ڪريون ته اوهان جي موڪل سان ان شخص کي يا هن جي قانوني صلاحڪار کي اوهان جي مالي حالت جي پوري ڄاڻ ڏينداسي. اسين وڌيڪ

اي. کين قاعدي ڪار کان صلاح وٺي فيصلو ڪن، ڇو ته اها سڄي جوابداري پاڻ شخصي طرح کڻي رهيا آهن ۽ کين جيڪي به اسين ڪاغذ ڏينداسين سي صحيح ڪرڻا پوندا. جن ۾ هو هر ڳالهه لاءِ جوابدار رهندا.

بي. اسين هنن کي اهو به ٻڌائينداسي ته ڪابه گئرنٽي ڏيڻ يعني رقم جو ذمو کڻڻ يا سلامتي ڏيڻ معني پوري جوابداري کڻڻ اڪيلو يا اوهان سان گڏ.

سي. ۽ کين ٻڌائبو ته سندن ڪهڙو ذمو ٿيندو.

### 8.11.1 قرض

***قرض لاءِ درخواست ۽ ان جو قانوني جوابداري***

اي. قرض وٺڻ وقت، اسين وياج جو نرخ ۽ (في) اجورو ۽ قيمت ٻڌائينداسي. ۽ ساٿ ساٿ قرض جي درخواست کي اڳيان وڌائڻ لاءِ، پهرين رقم ڏيڻ جي سهوليت وغيره. جيڪا قرض وٺڻ سان لڳي ٿي، جئن اوهان ڀل ٻين بئنڪن مان ڀيٽي سگهو ۽ آخرين فيصلو وٺي سگهو.

بي. گهٽو ڪري قرض لاءِ درخواست لاءِ گهربل ساري ڄاڻ اسان کي توهان لاءِ درخواست ڏيڻ وقت وٺڻي آهي. جيڪڏهن اسان کي پوءِ به ڪا وڌيڪ ڄاڻ گهربل هوندي ته اوهان کي جلد ۾ جلد گڏجنداسي.

سي. اسين اوهان کي اوڌر جي سيما ۽ ان جا شرط وغيره ٻڌائينداسين.

ڊي. اوهان کي ضروري قرض لاءِ ڪاغذ ڏيکاريندا سي، جيڪي اوهان کي ڀري، صحيح ڪري ڏيڻا آهن ۽ طلب تي انهن جو نقد اوهان کي ڏنو ويندو.

اي. اسين نر يا مادي يا ڏرم، ذات لاءِ ڪوبه تفاوت نه رکنداسي، قروض ڏيڻ وقت باقي اسان کي اخباري آهي الڳه الڳه رٿائون، جيڪي جدا جدا ورگن لاءِ ناهيل آهن، انهن کي ڪم آڻيون.

ايف. اسين ڦيرائڻ واري درخواست تي ڌيان ڏينداسين، جنهن موجب موجود نموني قرض کڻڻ واري جي اڪائونٽ، يا بئنڪ – فنانشنل انسٽيٽيونٽ ۾ رقم ڦيرائڻي پوي.

### 8.12 گئرنٽي – ذمو کڻڻ

جڏهن اوهان ڪنهن جا ذمو کڻڻ وارا ٿيو ٿا، اسين اوهان کي ٻڌائينداسين.

اي. اوهان جي ذمو کڻڻ سان جوابداري ٿيندي.

بي. پوري رقم جي اوهان جي جوابداري رهندي، بئنڪ ڏانهن.

سي. ڪن حالتن ۾ اسين اوهان کان سڄي رقم جي طلب ڪري ٿا سگهون.

ڊي. جيڪڏهن اوهان جوابداري پوري نٿا ڪريو ته اوهان جي ٻي ڏراوت جا بئنڪ ۾ هوندي، ان کي کٽي ٿا سگهون.

اي. اوهان جو ذمو ڪنهن حد واري رقم لاءِ آهي يا بي حد لاءِ، جاچيو.

ايف. اوهان جو ذمو ڪيتري مدي تائين آهي. ان کي به چاچبو ۽ حالتن جو جائزو ڪري ٻڌائبو ته قرضدار جي ڪهڙي مالي حالت آهي.

### 8.13 وهنواري جاچ

**اسين اوهان جا**

اي. اوهان کي وستار سان قرض جي شرطن بابت ٻڌائينداسين. ڪيتري في لڳندي ۽ ڪريڊٽ ڪارڊ لاءِ پڻ، ان قرض يا ڪارڊ ڏيڻ وقت.

بي. ڪهڙي ڪهڙي اوهان وٽان ڄاڻ کپندي، جڏهن اوهان درخواست ڪندا، ڪهڙا ڪهڙا ڪاغذ اوهان کي صحيح ڪرڻا پوندا وغيره. اوهان جي پوري ائڊريس جتي ڪم ڪيو ٿا، ڪنهن جي واقفيت ۽ پئن نمبر به کپندو.

سي. ڪريڊٽ ڪارڊ لاءِ درخواست ۾ جيڪي اوهان لکيو آهي جي جاچ، گهر ۾ اچي، آفيس ۾ اچي يا جنهن ايجنسي کي اسان اهو ڪم سونپيو آهي، ان جي معرفت فون نمبر وغيره جاچينداسين.

ڊي. جي ڪڏهن اوهان کي وڌيڪ رقم يعني اوور ڊرافٽ ڏبو يا مقرر ڪيل رقم کان وڌيڪ اوهان جي طلب هوندي ته اوهان کي رقم واپس ڏيڻ بابت ٻڌائبو ته اسين رقم گهرون ته ان ويل ئي ڏيڻ کپي يعني 'آن ڊمانڊ' يا نه ۽ وڌيڪ ڪنيل رقم جي ڪيئن ڪنيو ويندو ۽ ان تي وياج ڪيئن لڳائبو.

### 8.14 ڪريڊٽ ڪارڊ

#### 8.14.1 وهنواري ڄاڻ

اي. جڏهن اوهان ڪارڊ لاءِ درخواست ڪيو ٿا، اوهان کي شرطن بابت ٻڌايو ويندو. يعني في (اجورو) ۽ وياج بل ۽ پئسا ڀرڻ بابت ۽ گڏ و گڏ ٻئي سال لاءِ رنيو ڪرڻ ۽ وقت تي پئسا نه ڀرڻ لاءِ في ۽ ڪارڊ بند ڪرڻ جو نمونو ۽ ٻي ڪابه ڄاڻ اوهان کي ڪارڊ وٺڻ لاءِ کپندي.

بي. اوهان کي ڪارڊ تي ڪيتري رقم خرچ ڪري سگهجي ۽ واپسيءَ بابت پڻ ڄاڻ ڏبي.

سي. اوهان کي سروس گائيڊ ڏبي بوريت جنهن ۾ سڀ ڄاڻ لکيل آهي. ان بابت به جي اوهان جو ڪڏهن ڪارڊ گم ٿو ٿي وڃي يا ڪو ان کي غلط نموني ڪم ٿو آڻي، ان لاءِ اوهان جي ڪهڙي جوابداري آهي وغيره.

ڊي. جيڪا رقم اسان جي اسٽيٽمينٽ ۾ اوهان جي ڪيل خرچ جي آيل آهي ۽ اوهان کي ڀل ڪرڻي آهي ته اسين اوهان کي بابت ڄاڻ ڏئي سگهنداسين، ضرورت هوندي ته ان جي ثابتي پڻ.

#### 8.14.2 ڪريڊٽ ڪارڊ پي آءِ ان جو موڪلڻ

اي. اسين صرف اوهان جي ڏنل ائڊريس جا اوهان بدلاءَ ۾ ڏني آهي، ان تي ڪريڊٽ ڪارڊ پي آءِ ان اِن تي موڪليندا اسين. جي اوهان کي پهرين ائڊريس تي ڪارڊ نه ملي، پوسٽ يا ڪورئير سان يا اوهان جي چاهيو ته ڪارڊ پي آءِ اين اسين پنهنجي برانچ ۾ موڪليون جتان اوهان واقفيت ڏيئي وٺي سگهو ٿا.

بي. جي اوهان چاهيو ته اوهان کي نه ڪم ايندڙ ڪارڊ موڪليون، جيڪو اوهان کي ملي پوءِ ان کي هلڻ جهڙو بنايو ويندو.

سي. اسين جي اوهان چاهيو ته قرض جي سمتا–اوڌر جي سمتا يا ڪارڊ تي اوڌر وڌائي سگهبي.

ڊي. پي آءِ ان (پرسنل اڊيفنٽيڪيشن نمبر) جڏهن ڏجي. اوهان کي الڳه ائڊريس تي موڪليو ويندو.

ICICI Bank

*8.14.3 ڪريڊٽ ڪارڊ اسٽيٽمينٽ (بيان)*

اي. توهان جي سهوليت لاءِ هر مهني اوهان جي ڪارڊ تي ڪيل خرچ جي اسٽيٽمينٽ، مفت ۾ موڪليندا سين. يا جي چاهيو ته انٽرنيٽ تي جٿن اوهان جا چي سگهو. اها اسٽيٽمينٽ هر مهني جي طئہ ٿيل تاريخ تو اوهان جي ڏنل پتي تي موڪلي ويندي.

بي. جيڪڏهن ڪنهن مهني ۾ اوهان کي اسٽيٽمينٽ نٿي پهچي، گم ٿي ٿي وڃي ته اوهان مان اها اميد رکون ٿا ته اسان کي آگاهہ ڪيو جيئن ان جو نقل رقم ڀرڻ لاءِ موڪليو وڃي.

سي. اوهان کي بدليل اجورو. فِي بابت اڳہ ئي ٻڌايو ويندو جي نرخ نامي ۾ ڪا بدل ٿي. ان لاءِ بہ هڪ مهنو اڳہ اسٽيٽمينٽ سان ٻڌايو ويندو.

<u>9 اوهان جي اڪائونٽ جو بچاءُ</u>

*9.1 سلامتي ۽ پروسي واريون بئنڪ جون رٿائون*

اسين اوهان سان ان نموني هلنداسين جٿن اوهان کي وشواس ٿئي، اوهان جي **رکيل رقم ۽ رقم جي واپسي** بابت اسين سي سي ٽي وي لڳائينداسين جٿن اوهان جي سلامتي سالم رهي.

*9.2 اسان کي پوري ڄاڻ ڏيو*

اسان کي جلد ۾ جلد ڄاڻ ڏيو جي اوهان وٽ بدل ٿئي.

اي) نالو

بي) ائڊريس

سي) فون نمبر

ڊي) ايي ميل ائڊريس جٿن اوهان سان ڳالهائي يا لکپڙهہ ڪري سگهون.

*9.3 اڪائونٽ جي جاچ*

اي. اسين چاهينداسين ته اوهان هر مهني پنهنجي اڪائونٽ جي اسٽيٽمينٽ يا پاس بوڪ جاچيو. جي اوهان ڪٿي غلط لکيت کي ڏسو، اسان کي يڪدم آگاهہ ڪيو، جٿن ان کي اسين جاچي سگهون. وقت بہ وقت ڏنل هدايتن موجب جاچ ڪرڻ سان اوهان کي پڪ ٿيندي ته جيڪا رقم جنهن لاءِ ڪم آندي آهي، سا برابر خرچ ٿي آهي.

بي. جي ڪڏهن اسان کي اوهان جي اڪائونٽ ۾ ڪنهن بہ لکيت کي جاچڻ جي ضرورت پئي ٿي ته اوهان اسان کي ساٿ ڏيو، جي پوليس يا ڪنهن ٻي ايجنسي کي جاچ ڪرڻ جي ضرورت پوي.

*9.4 سنڀال ڪرڻ*

اوهان لاءِ اهو ضروري آهي ته اوهان پنهنجي چيڪ بوڪ-پاس بوڪ-ڪريڊٽ ڪارڊ-پي آءِ اين ۽ **پين بئنڪ جي شيوائن** جي سنڀال ڪيو جيئن ڪنهن بہ ٺڳي کان بچي سگهو جنهن لاءِ مٿي ڏنل صلاحن کي پڙهو.

اي. نہ ڪرو:

i) چيڪ بوڪ ۽ ڪريڊٽ ڪارڊ گڏ هڪ هنڌ نہ رکو.

ii) چيڪ بوڪ جا ڪي بہ چيڪ صحيح ڪري نہ رکو.

iii) ڪنهن ٻئي کي ڪم آڻڻ لاءِ نہ ڏيو.

iv) پاڻ وٽ پي آءِ ان نمبر پاس ورڊ ٻئي هنڌ لکي نہ رکو.

v) ڪنهن کي بہ پنهنجو پاسورڊ يا ٻي سلامتي واري ڄاڻ ٻئي نہ ڏيو.

بي. هميشہ :

i) چيڪ تي اوهان جنهن کي چيڪ ڏيو ٿا، نالو برابر لکو. جي چيڪ پوسٽ ۾ موڪليو ٿا. ائين ڪرڻ سان ٺڳي ٿيڻ کان بچي سگهندا. اسين اوهان کي صلاح ڏيون ٿا ته.

ii) اهڙن چيڪن جي پنيان ڪاربان رکو ۽ چيڪ ڪيو جيئن ڪيميڪل سان ڪا بدل سدل نہ ٿي سگهي.

iii) اوهان نئين پي آءِ ان نمبر جي سنڀالي چونڊ ڪيو.

iv) پنهنجو پي آءِ ان نمبر ياد ڪري ڇڏيو ۽ ان لاءِ ڪو بہ ياداشت لاءِ پنو اوهان وٽ هجي تہ ڦاڙي ڇڏيو.

v) پنهنجي ڪريڊٽ ڪارڊ ۽ پي آءِ ان پاسورڊ جي سنڀال ڪيو.

vi) ڪارڊ جون رسيدون سنڀالي رکو ۽ پوءِ ڦاڙي ڇڏيو.

vii) چيڪ تي هيٺن نالو لکو ABC Bank Account-XYZ جي اوهان بئنڪ ۾ چيڪ ڀريو ٿا تہ خالي جاءِ کي لائين (ليڪ) پائي ڇڏيو جيئن ڪو ٻيو نالو يا نمبر ٺڳي ڪرڻ لاءِ لکي نہ سگهي.

سي. اوهان کي صلاح ڏينداسين تہ ڪارڊ ۽ چيڪ بوڪ ڪيئن سنڀاليو.

ڊي. جي ڪڏهن اوهان جو ڪڏهن چيڪ بوڪ، پاس بوڪ يا اي ٽي ايم ڊيبٽ ڪارڊ گم ٿي ويو آهي يا چوري ٿي ويو آهي يا ٻئي ڪنهن کي اوهان جي پي آءِ ان نمبر جي خبر پئجي وئي آهي، ٻين اوهان کي اهڙي خبر ڏيڻ سان، تڪڙا قدم کڻندي آهي جيئن ڪا ٺڳي نہ ٿي سگهي.

اي. جي اوهان جو ڪارڊ چيڪ بوڪ پاس بوڪ گم ٿيو آهي يا چوري ٿيو آهي يا اوهان جي پي آءِ ان پاسورڊ جي ٻئي کي سڌ پئجي وئي آهي تہ اسانکي جلد ۾ جلد ٻڌايو.

ايف. اوهان اسان کي ان لاءِ 24 ڪلاڪ چالو فون (مفت) تي بہ ٻڌائي سگهو ٿا، جو نمبر اوهان کي ڏنل آهي. گڏ و گڏ لکيت ۾ بہ ڏيو يا اي ميل تي بہ اوهان لکي سگهو ٿا، جو بہ اوهان کي ڏنل آهي.

جي. اوستائين اوهان ان رقم لاءِ ٻڌل آهيو، جيستائين اوهان اسان کي لکيت ۾ ان بابت هو ڏنو آهي.

*9.5 انٽرنيٽ بئنڪنگ*

آن لائين بئنڪنگ سولي آهي. ۽ سنڀال واري صرف اوهان کي ٿورو هيٺ ڏنل اونو رکڻو پوندو.

اي. اسان جي انٽرنيٽ لائين تي سڌو اچو. ٻئي ڪنهن سان ڳنڍيل لائين پاران ميل تي نہ اچو ۽ نالو برابر جاچيو، جيئن ڪنهن ويب سائيٽ تي نہ هلي وڃو.

بي. ڪڏهن بہ اي ميل تي پڇڻ واري کي پنهنجو پاس ورڊ يا پي آءِ اين نمبر ٻڌائڻ کان بچو. يا اسان کي ان بابت ٻڌايو تہ اسين جاچ ڪريون. اسين يا پوليس بہ اوهان کان اهو پاس ورڊ نٿي پڇي سگهي. پي آءِ اين نمبر لاءِ پڻ.

سي. اسين اوهان کي صلاح ڏينداسين تہ اوهان سئبر ڪئفي يا گڏيل ڪامپيوٽر انٽرنيٽ اسان لاءِ ڪم نہ آڻيو.

ڊي. اسان جي صلاح آهي تہ اوهان پنهنجو ڪامپيوٽر کي نوان جنتر لڳايو جٿن ڪا بہ خبر ٻاهر نہ پئجي سگهي. اوهان پنهنجا ڳجهن پروگرامن جي سنڀال ڪيو. ڪامپيوٽر ۾ فائر وال لڳائي پنهنجي خبرن جي بچاءُ ڪريو.

اي. اوهان پروگرام هلائڻ وقت فائيل ڪنهن سان بہ نہ گڏيو يا حصي ۾ ونو.

ايف. پنهنجو پي سي بند ڪري ڇڏيو جڏهن ڪم نہ آهي.

جي. اوهان پنهنجو آءِ ڊي / پي آءِ ان انٽرنيٽ تي نہ ڏيکاريو.

ايچ. اوهان پنهنجو اڪائونٽ ان جي هلت وقت بہ وقت جاچيندا رهو.

آءِ. اسان جي صلاح مڃي اسان جي ويب سائيٽ تي اچو اوهان جي بچاءَ لاءِ فائديمند ٿيندو.

*9.6 رقم ڏيڻ لاءِ روڪ*

جيڪڏهن اوهان رقم يا رقمون ڏيڻ بند ڪرڻ چاهيو ٿا تہ هيئن ڪيو :

اي. چيڪ جي رقم نہ ڏيڻ لاءِ يا ڏنل هدايت هوندي بہ رقم نٿا ڏيڻ چاهيو، اسان کي لکيت ۾ ڏيو.

بي. سڌو ڪاتي نہ لکڻ لاءِ اسان کي ڀهرين ٻڌايو.

سي. اهو پوءِ ممڪن نہ ٿيندو تہ اسين رقم روڪيون جيڪڏهن اوهان وقت سر فيصلو نہ ڪندا.

ڊي. ڪريڊٽ ڪارڊ جي خرچ نہ چڪائڻ لاءِ پيش شرطن موجب هلڻو پوندو.

*9.7 نقصان لاءِ جوابداري*

اي. جي اوهان ڪوڙي نموني هلندا تہ سڄي نقصان لاءِ اوهان جوابدار ٿيندا پر جي اوهان سنڀالي کي قدم کڻندا ۽ نقصان ٿيندو تہ بہ اوهان کي اهو ڀرڻو پوندو.

بي. جي اوهان سنڀالي خرچ نہ ڪيو هوندو ۽ ڪوڙي نموني ڪيو هوندو تہ اوهان جي ڪارڊ تي خرچ ڪرڻ جي جوابداري ڪنهن حد تائين شرطن ۽ قانون موجب سمجهي ويندي.

سي. اوهان کي غلط نموني ڪارڊ ڪم آڻڻ لاءِ ۽ پي آءِ اين جي وڃائڻ لاءِ جوابدار ليکيو ويندو يا پاسورڊ جو ناهہ يا ٻي ڪا لڪل ڄاڻ جيستائين اسان کي ان لاءِ واقف نہ ڪيو ويو هوندا ۽ اسان ان تي غلط نموني ڪم آڻڻ لاءِ قدم نہ کنيو هوندو.

<u>10 سنڀالي هلائيندڙ</u>

بئنڪ جي قانون نامي ۽ سٽئنڊرڊ بورڊ آف انڊيا، جنهن جا ڊائريڪٽر، ميمبر آف گورننگ ڪائونسل سميت قانوني نامي کي سنڀالي هلائين ٿا. تفصيل هيٺ آهن :

**بئنڪنگ ڪوڊس ۽ اسٽئنڊرڊ بورڊ آف انڊيا**

**رزرو بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ، سي-7، چوٿون ماڙ،**

**باندرا ڪرلا ڪامپليڪس، ممبئي-400051**

**ٽيليفون : 26573716 فئڪس : 26573719**

E-mail : ceobcsbi@rbi.org.in;
Website : www.bcsbi.org.in

<u>11 مدد لاءِ</u>

جيڪڏهن اوهان کي قانوني نامي بابت ڪجهہ پڇڻو آهي تہ اسان کان ڏنل فون تي پڇو. هيلپ ڊيسڪ يا ڪسٽمر سروس نمبر يا انڊين بئنڪس ائسوسئيشن هيٺ ڏنل ائڊريس تي گڏجو.

**انڊين بئنڪس ائسوسئيشن اسٽيڊيم هائوس،**

**بلاڪ II اينڊ III، وير ناريمن روڊ، ممبئي-400020**

**ٽيليفون : 022-22844999 فئڪس : 022-22835638**

E-mail : ibastadium@vsnl.net
Website : www.iba.org.in

يا ملو بئنڪنگ ڪوڊس ائنڊ اسٽئنڊرڊ بورڊ آف انڊيا، مٿي ڏنل سرنامي تي.

***11.1 اسان جي سڀني برانچن نوٽيس لڳل هوندا ۽ ويب سائيٽ تي پڻ تہ قانون نامي جون ڪاپيون موجود آهن. ۽ ڪيئن ملنديون يا گهرڻ تي اوهان کي ان جي ڪاپي ڏني ويندي.***

<u>12 قانون نامي کي وري جاچڻ</u>

انون نامي کي ٽن سالن ۾ وري جاچيو ويندو ۽ صافگوئي سان ڏنو ويندو.